SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1979
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1979
# ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. 1957 جي پي.او 5 جي ترميم
Amendment of P.O.5 of 1957

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1979
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1979

# ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[21 جنوري 1979]

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم جو آرڊيننس

**تمهيد (Preamble)**

جيئن تہ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short Title, Extent and Commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1957 جي پاڪستان آرڊيننس 5 جي ترميم
Amendment of P.O.5 of 1957

2. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر 1957 جي آرٽيڪل 8 ۾:

(i) شق (2) ۾ موجود ذيلي شقن کي هيٺين ذيلي شقن سان متبادل بڻايو ويندو.

”(a) انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهڙيون ملازمتون جيڪي گريڊ 1 کان 9 واري نيشنل پي اسڪيل واريون هونديون، انهن لاءِ ڪاتي جو اڳواڻ يا ٻيو عملدار 18 گريڊ کان گهٽ وارو نه هوندو، يا جنهن کي بااختيار بڻايو ويو آهي.

(b) انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهڙيون ملازمتون جيڪي گريڊ 10 کان 15 واري نيشنل پي اسڪيل واريون هونديون، انهن لاءِ ڊائريڪٽر جنرل يا ٻيو عملدار 19 گريڊ کان گهٽ وارو نه هوندو، يا جنهن کي بااختيار بڻايو ويو آهي.

(c) انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهڙيون ملازمتون جيڪي گريڊ 16 کان 17 واري نيشنل پي اسڪيل واريون هونديون، انهن لاءِ چيرمين يا ٻيو عملدار 20 گريڊ کان گهٽ وارو نه هوندو، جنهن کي بااختيار بڻايو ويو آهي.

(d) انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهڙيون ملازمتون جيڪي گريڊ 18 واري نيشنل پي اسڪيل واريون هونديون، انهن لاءِ گورننگ باڊي بااختيار هوندي، ۽

(e) انهيءَ صورت ۾ جڏهن اهڙيون ملازمتون جيڪي گريڊ 19 ۽ 20 واري نيشنل پي اسڪيل واريون هونديون، انهن لاءِ صوبائي حڪومت جي منظوري سان گورننگ باڊي بااختيار هوندي“.

(ii) شق (3) ۾ موجود ذيلي شقن لاءِ هيٺين طرح متبادل بڻايو ويندو:

”(a) ڊائريڪٽر جنرل ڏانهن، جيڪڏهن ڪاتي جي سربراهه

پاران ڪو حڪم ڪيو ويو هو.
(b) گورننگ باڊي ڏانهن، جيڪڏهن ڊائريڪٽر جنرل پاران ڪو حڪم ڪيو ويو هو.
(c) صوبائي حڪومت ڏانهن، جيڪڏهن گورننگ باڊي يا چيئرمين طرفان ڪو حڪم ڪيو ويو هو."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**